

# سنڌ جي قومي سياست ۽ سنڌ جو سياسي آئيندو!

– جامي چانڊيو

سنڌ جي قومي سياست نہ رڳو مختلف ننڍين وڏين تنظيمن، گروهن ۽ فردن ۾ ورهايل آهي پر اُها گذريل چئن ڏهاڪن کان مختلف لاهين چاڙهين مان گذرندي هڪ اهڙي موڙ تي اچي بيٺي آهي، جتي سنڌ جي بقا تہ پنهنجي جاءِ تي پر خود قومي سياست جو مستقبل بہ پنهنجي جاءِ تي هڪ وڏو سوال بڻيل آهي. هڪ طرف جتي بنيادي اشوز تي سنڌي عوام جي قومي موقف کي مسلسل جدوجهد وسيلي اُڀارڻ سنڌ جي قومي سياست جي مجموعي ڪاميابي آهي، اُتي ايڊهاڪزم، مسلسل تنظيمي ڀڃ ڊاهہ، تنظيمن اندر ادارن جو سگهارو ۽ فعال نہ هجڻ، گڏيل جمهوري قيادت جو نہ هجڻ، ڪارڪنن جي ڀرپور تربيت نہ ٿيڻ، عوام سان وسيع تر تنظيمي ۽ سياسي رابطو نہ هجڻ، سنڌي عوام جي وڏي اڪثريت يعني هارين، مزدورن، عورتن ۽ نوجوانن کي ڀرپور سطح تي تنظيمن ۾ شامل نہ ڪرڻ، ڪجهہ قومپرست تنظيمن اندر بدترين ڏوهاري ڪلچر هجڻ ۽ سياسي ماحول ۾ اڻ سهپ ۽ سياسي تنگ نظريءَ مجموعي طور سنڌ جي قومي سياست کي هڪ ”محدود دائري“ تائين ئي محدود ڪري ڇڏيو آهي. نتيجي ۾ سنڌ جي قومي سياست حقيقي طور سنڌي عوام جي قومي مفادن ۽ مطالبن جي نمائندگي ڪرڻ باوجود عملي ۽ حقيقي طور قومي سياست سڏائڻ جي حقدار ان ڪري نہ آهي جو ان ۾ سنڌي عوام جي وسيع اڪثريت شامل ئي ناهي. نتيجي ۾ اڄ هڪ طرف پ پ پ جي صورت ۾ غير منظم ۽ نظرياتي طور تي بي هٿيار ماڻهن جو ڇڙواڳ انبوهہ آهي، جنهن وٽ نہ تہ ڪو پروگرام آهي ۽ نہ واضح پاليسي، واٽ ۽ سياسي مقصد تہ ٻئي پاسي سنڌ جي قومي سياست جون اُهي دعويدار سياسي جماعتون آهن، جن وٽ مطالبا ۽ موقف تہ جائز ۽ حقيقي قومي مفادن جا آئينيدار آهن پر سنڌي عوام جي وسيع اڪثريت ساڻن گڏ ناهي يا هنن اڄ تائين ان کي گڏ ڪڻڻ لاءِ ڀرپور سنجيده ڪوشش ئي نہ ورتي آهي. سڄيءَ دنيا ۾ اهو مڃيل اُصول آهي تہ حقيقي عوامي جمهوري، قومي يا انقلابي تنظيمون جدوجهد ڪري پوءِ ان جي عوامي لاڀ مان وري تنظيم ڪنديون آهن ۽ پوءِ جدوجهد جي ميدانن تي لهنديون آهن، ۽ وري ان مان نئين سر تنظيم سازي ڪنديون آهن. سوال آهي تہ سنڌ ۾ قومي يا عوامي سياست جي دعويدار تنظيمن جي سائيز ۽ عوامي سگهہ چاليهہ سال گذرڻ ڪانپوءِ بہ ٿوري گهڻي فرق سان ساڳي يا محدود ڇو آهي؟ ۽ سنڌ ۾ تنظيمون جدوجهد ڪانپوءِ وڌيڪ سگهارو ٿيڻ بجاءِ بتدريج محدود ۽ مختصر ڇو ٿيون ٿين؟ ڪائنن پڇبو تہ اُهي تمام سادگيءَ سان ان لاءِ سڄو الزام رڳو ايجنسين تي مڙهينديون. جڏهن تہ حقيقت رڳو ايئن نہ آهي.

پاڪستان ۾ سنڌ واحد صوبو آهي جتي عوام جو سياسي ۽ خاص طور تي قومي شعور ٻين قومن جي ڀيٽ ۾ گهڻو اُسريل آهي پر ٻئي طرف بدقسمتيءِ اها بہ آهي جو گذريل چئن ڏهاڪن کان سرگرم قومي يا وطن دوست سياست هئڻ باوجود سنڌ ۾ ڪا بہ اهڙي سياسي تنظيم موجود نہ آهي، جنهن کي ٻيو تہ ٺهيو پر رڳو عوامي ليگ جهڙي سگهہ بہ حاصل هجي، جنهن جڏهن چونڊن ۾ حصو ورتو تہ ان اڪثريتي مينڊيٽ کڻي ڏيکاريو ۽ جڏهن ان مزاحمت جو فيصلو ڪيو تہ ٽيهہ لک ماڻهن جي قربانين سان پنهنجو آزاديءَ جو حق وٺي ڏيکاريو. اهو ٺيڪ آهي تہ بنگال ۾ اسان وانگر جاگيرداري ۽ وڏيرڪو طبقو موجود نہ هو ۽ سنڌ ۾ هٿ وٺي رياست مسلسل ان طبقي کي سياسي، معاشي ۽ انتظامي طور سگهارو ڪيو آهي، پر سنڌ ۾ ان طبقي کي حتمي سياسي شڪست ڏيڻ ايترو ڏکيو بہ نہ هو جو قومي سياست جي چاليهن سالن جي ڄمار ڪانپوءِ بہ اها هڪ اڌ اسيمبلي ميمبر بہ چونڊائي نہ سگهي. اسان کي هاڻي رڳو بهاني باز نفسيات مان نڪري ڪجهہ حقيقت پسنديءَ سان پنهنجو بہ تنقيدي جائزو وٺڻ گهرجي. يقينن سنڌ جي ذميدار قومي سياست ۽ اڪثر تنظيمون اسٽيبلشمينٽ ۽ ايجنسين جي اکين ۾ ڪنڊي جيان چُڀنديون هونديون پر ان

باوجود سندن ايڊهاڪزم، مسلسل تنظيمي ڀڃ ڊاهه، محدود دائري، ادارن جي مضبوط نه هجڻ، قابل ۽ ڪميٽيڊ گڏيل قيادت جي نه هجڻ جا سبب رڳو خارجي نه آهن.

باوجود ان حقيقت جي ته سنڌ ۾ هميشه اها خواهش موجود رهي آهي ته سنڌ جي قومي سياست يا تنظيمن وچ ۾ ڇتادار ٻڌي هجي پر بدقسمتيءَ سان اهڙا سمورا تجربا هيستائين ڪامياب نه ويا آهن، ان ڪري نيٺ سنڌ جي ساڃاهه وند ماڻهن ته اهو چوڻ شروع ڪيو ته ننڍين ۽ محدود پارٽين وچ ۾ رسمي اتحاد بجاءِ بهتر اهو ٿيندو ته عوام ۾ سياسي ٻڌي هجي ۽ ان جو بنياد سنڌ جا حق ۽ مفاد هئڻ گهرجن.

محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت کانپوءِ ماضيءَ جي سمورن تلخ تجربن باوجود هن ڀيري به سنڌي عوام جي اڪثريت اُها خود فريب اميد رکي پ پ پ کي ووٽ ڏنو ته اُها سندن دردن ۽ ساڻن ٿيل ظلم جو ڪنهن حد تائين سدباب ڪندي، پر پ پ پ هن ڀيري به سنڌ سان اهو ئي ڪجهه ڀئي ڪري، جنهن جا سندن ماضيءَ جي روشنيءَ ۾ سئو سيڪڙو امڪان موجود هئا. يعني مشرف دؤر ۾ سنڌ جي زمينن، وسيلن ۽ ادارن جي جيڪا ڦيلَ ڪئي وئي، ان جو ڪوبه حساب ڪتاب ڪرڻ جو رڳو ارادو ته ڇا پر تصور به سنڌ حڪومت وٽ موجود ناهي. اين ايف سي ايوارڊ هن سال به ساڳيو مليو. پاڻيءَ جي ناجائز ورڇ ۽ سنڌ جي پاڻيءَ جي حصي تي ڌاڙن جي صورتحال بدستور ساڳي آهي. سنڌ جي قدرتي وسيلن جي ڦرلٽ ساڳيءَ ريت جاري آهي. سنڌ حڪومت ۾ دهشتگردن کي ساڳيو مراعت يافته ۽ ناجائز حصو ملندو اچي. سنڌي عوام لاءِ روزگار جا در ايئن ئي بند آهن جيئن اڳ بند هئا. باقي اقربا پروريءَ تحت ”پنهنجا نوازي“ جو ڏنڌو جاري آهي. مشرف دؤر ۾ سنڌ جا ضلعا خاص طور تي حيدرآباد جنهن نسلي بدنيتيءَ تحت ورهايا ويا، اُهي ساڳيءَ ريت برقرار آهن. مطلب ته ”ادو مئو، ادي ڄائي، اسين اوترا جا اوترا“. ان سموريءَ صورتحال ۾ لازمي طور سنڌ جي قومي سياست ڪجهه وقتي ماٺار کانپوءِ هڪ ڀيرو وري تحرڪ ۾ آئي ۽ مختلف تنظيمن پنهنجي پنهنجي پليٽ فارم تان ڪجهه اِشوز تي احتجاج، ڌرڻا ۽ هڙتالون ڪيون، جن کي سنڌي عوام موٽ به ڏني ۽ هڪ ڀيرو وري اها خواهش اُڀرندي نظر آئي ته سنڌ جي قومي سياست جي دعويدار سياسي پارٽين ۾ ڪا نه ڪا هم آهنگي پيدا ٿيڻ گهرجي ۽ سندن ڪو گڏيل جدوجهد جو ڪردار متعين ٿيڻ گهرجي. تازو ان ڏس ۾ سيد جلال محمود شاهه جي رهائشگاهه تي ڪجهه ڌرين جو هڪ اجلاس پڻ ٿيو آهي ۽ تنظيمن وچ ۾ اهڙو اتفاق جڙندي نظر اچي رهيو آهي.

منهنجيءَ نظر ۾ جتي هڪ طرف اِها پيش قدمي بهتر ۽ ساراهه جوڳي آهي اتي ان ڏس ۾ سموري گهربل احتياط جي پڻ بيحد گهرج آهي، ڇاڪاڻ ته جلدبازيءَ ۾ ٺهيل



ڪوبه اتحاد يا ان جي هڪ دفعو وري امڪاني ناڪامي جنهن مايوسيءَ کي جنم ڏيندي، اُها سنڌ جي سياست ۽ قومي مفادن لاءِ سخت هاڃيڪار ثابت ٿيندي. ان ڏس ۾ هيٺين تجويزن تي غور ڪري سگهجي ٿو.

- سنڌ جي سياسي پارٽين وچ ۾ سنڌ جي بنيادي اشوز تي ڪجهه جزوي فرقن کانسواءِ وسيع تر هم آهنگي موجود آهي. ضرورت آهي ته هڪ اهڙي مطالبن جي ڊرافٽ يا چارٽر تي اتفاق ڪيو وڃي، جيڪو قومي شڪل اختيار ڪري ۽ جنهن کي سمورين تنظيمون پنهنجي پنهنجي نظرياتي دائري اندر رهندي گڏيل طور اختيار ڪن. اهڙيءَ صورت ۾ اهڙو چارٽر سنڌ جي آواز ۾ هڪ اهڙي سگهه پيدا ڪندو، جنهن جي سنڌ کي وڏي زماني کان سخت ضرورت آهي. نظرياتي طور تنظيمن وچ ۾ ڪيترائي بنيادي اختلاف ٿي سگهن ٿا پر جيئن مجيب جي ڇهن نقطن بنگال جي اڪثريتي عوام کي هم آواز ڪري ڇڏيو هو، تيئن ڪنهن متفقه قومي چارٽر جو نهڻ سنڌي عوام کي به هڪ ڌارا ۾ وٺي وڃي سگهي ٿو. ان ڪري گهڻو زور تنظيمي اتحاد بجاءِ موقف ۽ ڪنهن قومي چارٽر تي اتفاق تي هئڻ گهرجي. (اهڙي تجويز ڪيل قومي مطالبن جو چارٽر هن ڪالم سان گڏ باڪس ۾ شامل آهي)
- سنڌ جي قومي سياست ڪندڙ تنظيمن وچ ۾ ڪنهن رسمي تنظيمي اتحاد تي وڌيڪ زور ڏيڻ بجاءِ هڪ ٻئي سان متفقه قومي اشوز تي جدوجهد جي سلسلي ۾ گڏيل سهڪار تي زور ڏنو وڃي، يعني جيڪڏهن ڪابه تنظيم هڪ اهڙيِ اِشوءَ تي ڪا پُرامن سياسي جدوجهد ٿي هلائي جيڪو قومي طور متفقه هجي ته ان ۾ ٻين سمورين سياسي پارٽين کي رضاڪارانه سهڪار ڪرڻ گهرجي. تازو اهڙو سهڪار هڪ وڏي عرصي کانپوءِ عملي طور نظر به آيو. اهو سهڪار جيڪڏهن وڌيو ته نه رڳو اهو تنظيمن وچ ۾ دوستاڻي رويي کي وڌائيندو، ڪارڪنن ۽ عوام جا حوصلا بلند ڪندو پر اهو سنڌ جي آواز ۽ جدوجهد کي پڻ سگهارو ڪندو.
- ان ڏس ۾ ٽين ۽ آخري تجويز اها ته سموريون تنظيمون پنهنجين پنهنجين تنظيمن کي قائم رکندي، ۽ پنهنجن نظرين تي پابند رهندي ڪا اهڙي گڏيل جدوجهد جي مرحليوار حڪمت عملي طئي ڪن، جيڪا وسيع تر سنڌي عوام کي سنڌ جي قومي اِشوز ۽ مفادن تي سياسي طور متحرڪ ڪري سگهي ۽ سنڌ جي آواز کي به ايتري سگهه ڏئي سگهي جو اُهو اسلام آباد جي ديوارن سان ٽڪرائي ٺلهو واپس موٽي نه اچي. ڇاڪاڻ ته ڪين ياد رکڻ گهرجي ته سنڌ جي قومي سياست جو آئيندو به سنڌ جي سياست ۽ عوام جي قومي آئيندي سان وابسته ۽ مشروط آهي.